سنت مالا
١٦٥١ - ١٦٥٢
اپريل ٢٠١٠

صلح جا سورما

١٠ رپيا

واسواڻي

وشيہ سوُچِي

سمرپن

سنت گوتم جي پياري شش
شري آنند
جي ڪمل قدمن ۾!

ٻه اَکر

سنت مالا جو هي پستڪ ”صلح جا سورما“ دادا جن ٧٠ سال ٿيا ته ڪولمبو سيلان ۾ اُپديش ڏنا جن جو پيغام اَڄ ٻه اُها ئي اَهميت رکي ٿو جيڪو ٧٠ سال اَڳ هو.

پياري دادا هن پُستڪ ۾ صلح جي پيغام تي زور ڏنو آهي. ۽ اَڄ ڪٿ نه هڪ ملڪ ٻئي ملڪ سان، هڪ قوم ٻيءَ قوم سان پيئي لڙي. اِن ڪري صلح جي سخت ضرورت آهي.

شل صلح جو پيغام اَسان جي دلين اَندر پرڪاش ٿئي ۽ اَسين پنهنجي جيون ۾ صلح جي جوت جڳايون!

پوُنا

١٣-٣-٢٠١٠ آتما واسواڻي

سندر، پر سڱنڌ ڪانهي- پن ڪي هٿ چون ”ڪولا“! تنهن ڪري شهر تي نالو پئجي ويو ”ڪولا آمبو يعني تہ ”ڪولمبو“! ”ڪولمبو“ اکر جي هڪ ٻي بہ معني آهہ ”ڳيرو“- ”ڳيرو“ پکي ڪولمبو ۾ جام آهن- ”ڳيرو“ آهہ ”صلح جي نشاني! ۽ مان هِت ”صلح ڪانفرنس [Pan-Asian Conference] جي ڪوٺ تي آيس- هن ننڍڙي پستڪ ۾ ”صلح جي سوُرمن“ جي سکيا جو ذڪر آهہ- اُنهن سوُرمن بابت مون هِت جدا جدا هنڌن تي ڳالهيو آهہ ۽ اِنهن تقريرن مان ڪي ٽڪرا هن پستڪ ۾ ڏيان ٿو. تاريخ ۾ جن رتو چاڙهہ ڪئي آهہ، ٻين کي ماريو آهہ، ملڪن ۾ رت جون نديون وهايون آهن تن کي ڪوئين ”سورما“: پر هڪ ٻي تاريخ آهہ جا ”فرشتا“ وينا لکن- اُن تاريخ، سچيءَ تاريخ ۾ ٻين جا نالا ٿا چمڪن:- ”اُهي آهن صلح جا سوُرما“- گوتم ٻڌ، راجا اَشوڪ، مهند، شري اِيشا، گرونانڪ، شري ڪرشن ”صلح جا سوُرما“ ٿي گذريا آهن- اُنهن چاهيو تہ روحاني راڄ، صلح جو راڄ، پرٿويءَ تي اَچي! اُنهن جي سکيا جو اَثر جڏهن ٻالڪن ٻالڪين تي ٿيندو تڏهن هن ڪنور دنيا جي زندگيءَ ۾ ڦيرو ايندو. تنهنڪري ضروري آهہ تہ اِسڪولن ۽ ڪاليجن جي وديا ، اِنهيءَ سکيا وسيلي ڦيرو آڻجي- ٻالڪ ٻالڪيون آهن ملڪ، قوم جي زندگيءَ جو بنياد. اِنهن ٻالڪن ٻالڪين

پرستاونا

”سنت مالا“ جو نئون اَنڪ مان لنڪا مان موڪليان ٿو. لنڪا جت هزارين ورهيہ اَڳي راوڻ جو وڏو راڄ هو- منهنجي لاءِ لنڪا هڪ تيرٿ آستان آهہ ڇو تہ هت شري رام پنهنجا چرن گهمايا- نيوريليا جي پهاڙن تي مان هي اَکرلکان ٿو. اِنهن پهاڙن تي قدرت جو عجيب نظارو آهہ. ڪڪر ڪئن نہ روح کي ريجهائين ٿا! اِنهيءَ وڻڪار ۾، اِنهن پهاڙن تي، ٻاڙهن اَشوڪ وڻن هيٺ سيتا ويهي ورلاپ ڪيا. هت آب هوا سندر، ۽ رام سيتا جي آسيس ڪري سچو آستان مون لاءِ هڪ تيرٿ مندر آهي.

هن ملڪ ”لنڪا“، ”سيلون“ جي گادي هن وقت ”ڪولمبو“ آهہ- سمنڊ ۽ وڻڪار جي سونهن ڪئن نہ ڪولمبي کي ڪٺي بيني آهہ! ڪولمبو شهر تہ ڪيترن ڪوهن ۾ آهہ- صديون اَڳي اِنهيءَ شهر ۾ ”انب“جو وڻ پوکيل هو- ”انب“ کي هت چون ”اَمبو!“ پر انهيءَ ’امبو“ وڻ کي فقط پَن هوا، نہ ميوو- جئن هتي جي گلن کي رنگ

پڳوان ڪٿي آهہ؟

١ - پڇن لوڪ پيا ٿا، پڳوان ڪٿي آهہ؟
سڄڻ سائين! جيون ۾ جوتي جڳاءِ!
٢ - اکين منهنجين ۾ اَچي اوت شڪتي،
پڳل هن بدن ۾ اَچي ير تون پڪتي!
٣ - اکرن کي ڏي سونا پَرَ پيارا،
نرمل رهن سي سونهن ۾ نيارا!
۴ - منهنجي سانت اندر اُتارين ڪا طاقت،
منهنجا ڪم ڪاريون رهن تنهنجي رحمت!
۵ - ڪرين شال ساري منهنجي زندگي،
سچي قرب ۾ ئي تنهنجي بندگي!
٦ - تنهنجي جوت سڄڻان! مُکہ ۾ سا مشڪي،
تنهنجو رحم راڻا! راحت ۾ تہ چمڪي!
٧ - ۽ لوڪن جا سڻڪا صبر ۾ سهان؛
۽ آسيس تنهنجي، سين کي ڏيان!
٨ - ٿئي شال جيون، هيءَ تنهنجي ئي تصوير؛
اُتاري دلين ۾، درد ڪا اُڪير!
٩ - تپشيا جي ڪوُڙي مونکي تون تہ ناهہ!
نوري نماڻي، ڪا آتش لڳاءِ!

مان نوان ”صلح جا سوُرما“ نکرندا- تنهنکري اِسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ جت جت مون وديارٿين سان ڳالهايو آهه، اُت هن ”صلح“ جي سکيا تي زور ڏنو اَٿم- وديارٿين کي جي تقريرون ڏنيون اَٿم تن مان ٻه، تنهنڪري، ڪي ٽکرا هن پستڪ ۾ ڏيان ٿو- لهرون لتاري هِت آيو آهيان- ۽ جئن پهاڙن تان هي اَکر موڪليان ٿو تئن پنهنجي وطن، ڀارت ڀوميِ، رشي ڀوميءَ اَڳيان سر جهڪايان ٿو ۽ ماتريوميءَ جي ڀائرن ۽ ڀينرن ۽ سيني ستسنگين جي آسيس وٺان ٿو. ملڪ محبت، تخت سليمان! ملڪ محبت آهه جيون جو پران.

شل پريوءَ جي آسيس هن ننڍي نماڻي پستڪ تي ٿئي ۽ اُن جو پيغام گهڻن دلين اَندر گهڙي وڃي!

واسواڻي

نيوريليا، سيلون.

١٢-٦-٣٩.

وڏو خزانو آهه سمجهه! جيڪڏهن دنيا ۾ هڪ ملڪ ٻئي کي سمجهي تہ جيڪر همدردي وڌي ۽ پوءِ جيڪر دنيا پروڙي تہ ٻئي کي رنجائڻ آهه پاڻ کي نقصان پهچائڻ. ملڪ اِئين جي سمجهن تہ جيڪر ٻئي کي نہ ڏکوئين. پوءِ جيڪر جنگ جي راهه ڇڏي صلح ۾ رهن.

يورپ ڪاڏي؟:-

پراچين رشين ۽ گوتم ٻڌ ۽ سندس مشهور شش راجا اشوڪ اِهو سچ پروڙيو. اَڄ ڪالهہ دنيا جي حالت ڪهڙي آهہ؟ دنيا ۾ تڪرار تڪا آهن! اڄ ڪهڙي تار آئي؟ مسالني، اٽالي جو مهندار چوي ٿو تہ ”اٽلي ۽ جرمني گڏجي اَڳتي اَڳتي ڪاهي هلنداسين ۽ يورپ کي اِنصاف جو صلح Peace of Justice وٺي ڏينداسين!“ اهو پڙهي مون پاڻ کي چيو تہ اِنصاف جو صلح ڪٿي آهہ؟ ائبيسينيا تي بي گناهہ ڪاهي مسولنيءَ ڪيڏو نہ اَنرٿ ڪيو. پوءِ بہ مسولني چوي ٿو تہ انصاف جو صلح اسين يورپ کي وٺي ڏينداسين: ۽ هٽلر جي يهودين سان هلت ڪهڙي نہ دکدائڪ آهہ.

جهنگلپڻو:-

هڪ جرمن ودوان چوي ٿو تہ طاقت ئي انصاف آهہ. Might is Right هِت اوهان جي دلين ۾ گوتم ٻڌ لئہ اُمنگ آهہ، ۽ گوتم صلح جو سندر پيغام ڏنو ۽ شري اِيشا پيار ۽

(ا)

سچ ۽ صلح جا سورما*

پينرون ۽ پائرو:-

اڄ رات مان اوهان کي ڇا چوان؟ مان هت ڪالهه صبوح جو پهتس. اَچي اَوهان جي دلين جي آسيس ورتي اٿم! ڪالهه صبوح جو ستين بجي مان ڏيک تي ويس ۽ اُتان پهرين ڪولمبي جو درشن ڪيم- سندر وڻ! سندر نظارو! جڏهن دل پريل آهي تڏهن تورا ئي اَکر چڱا آهن- هن وقت تورائي اکر چوندس.

وڏو خزانو:- سمجهه:-

ڪولمبو سندر شهر آهه ۽ سپاڳو. اوهان مون لئه جيڪي چيو آهه تنهنجو مان لائق نه آهيان! مان ساڌو نه آهيان پر ساڌن ۽ سنتن جو نوڪر ٿيڻ ٿو چاهيان ۽ اڄ جو پيغام اَوهان کي ڏيڻ ٿو چاهيان سو ڪو نئون پيغام ڪونهي! جو سنيهو گوتم ٻڌ ڏنو ٻه هزار ورهيه اَڳي، سوئي اَوهان جي اَڳيان رکان ٿو. سڀ ڪجهه تياڳي گوتم ويو سچه جي تلاش ۾. محلات ڇڏي جهنگل ۾ ويو. اَڄ دنيا کي ڇا کپي؟ سمجهه- تڪرار آهن ڇو ته هڪ ٻئي کي سمجهون نٿا.

---

* ڪولمبي ۾ آنند ڪاليج ۾ ستڪار (Reception) وقت، ستڪار جي جواب ۾ جا مون تقرير ڪئي اُنجو تات پرج.

۽ مسلمانن ۽ هندن کي به پيارو آهي. مورت ۾ مون ڏٺو ته گوتم ٻڌ اُن استان تي ويٺو آهي. گوتم جي سندر مورت ڏي مون وري وري نهاريو ۽ منهنجي اکين ۾ پاڻي آيو. اِها من موهيندڙ تصوير منهنجي دل اَندر گهڙي ويئي ۽ گوتم ڏي نهاري مون چيو:- ”گرديو! ڏي مون کي ڪو پيغام جو اَڄ مان هتي جي ماڻهن کي ڏيان!“ اِئين مون سمجهو ته اُن مورت مان گرديو چيو:- ”اِ منهنجا ٻالڪ! وڃين ڏي تون لوڪن کي هي پيغام ”جوت جڳايو!“ اِها جوت آهي پريم ۽ صلح (Peace & Light)- ”جوت جڳايو!“ اِهو پيغام اوهان وٽ مان کڻي آيو آهيان. اِهو پيغام جو راجا اَشوڪ جي پٽ سنت مهند آندو سيلون ۾. ”جوت جڳايو!“ اِنهيءَ پيغام جي اَڄ به ملڪن ۽ ڌرمن کي ضرورت آهي. هن وقت دنيا ويران آهي، پريشان آهي. هن وقت کپن جوت جا جوڌا Warriors of Light. اُهي اسان کي وٺي هلندا نوجيون جي راهه ۾. اِهي وير سورما اُنهيءَ سوپ ڏانهن وٺي هلندا جنهن ڏي دنيا ويني نهاري،- صلح ۽ سچ جي سوپ!

صلح جو پيغام ڏنو! اَفسوس! اِهو پيغام يورپ لتاڙي رهيو آهي. اوهين پڙهو تہ يورپ جي حالت وڃي تي زواليت کي پهچندي. هڪ وڏي ودوان Herbert Spencer چيو تہ يورپ وڃي تو جهنگلپڻي ۾ ڪِرندو.

ولايت جي زواليت:-

رشيا جي رشي ٽالسٽاء چيو تہ يورپ جي حالت ڏکدائڪ آهہ ۽ اِئين چئي ڳوڙها ڳاريائين! ڪي سال ٿيا تہ هڪ جرمن ودوان هڪ ڪتاب ڇپيو، جنهنجو نالو آهہ ''ولايت جي زواليت''. اِهو ڪتاب جيڪر مان چوان تہ سڀئي پڙهن. اِها ڳالهہ سچي آهہ تہ يورپ وڃي تو ڪِرندو. مان پاڻ کان پيو پڇان تہ دنيا جي اُميد ڪٿي آهہ؟ ڪيئن وري دنيا چڙهندي؟

جوت جڳايو:-

مون کي ڪالهہ منهنجو پيارو مِتر، جنهن وٽ مان ٽڪيل آهيان هڪ سندر ٻڌ مندر ۾ وٺي هليو. گوتم ٻڌ جي مورت پنيان مورت ڏيکاريائين. نيٺ اسين اُن مورت وٽ آياسين جنهن ۾ ائڊمس پيڪ Adam's Peak ڏيکاريل آهہ ۽ انهي ٽڪري ۽ تي پيرو آهي جنهن بابت ٻڌ ڌرم وارن جو ويچار آهہ تہ اُت گوتم ٻڌ جي ڪمل چرنن جي نشاني آهہ ۽ اُهو آستان اهڙو تہ سندر آهہ جو ڪرستانن

آهن،- گوتم ٻڌ ۽ راجا اَشوڪ - ٻئي اوهانکي ۽ مونکي پيارا آهن. راجا اَشوڪ ٻڌ جو شش ٿيو. سيلون جي شيوا لاءِ پنهنجو پٽ موڪليائين. اُن هِت اَچي گوتم ٻڌ جو پيغام پکڙيو- اَشوڪ راجا کي چوندا هئا ”پيا دشي“ معنيٰ ”پريہ درشن“، اُهو جنهن جي درشتي پيار جي هئي- اَشوڪ سين کي، غريبن دکين کي، پسن ۽ پکين کي پيار پيئاريو!

هندستان ۾ اَشوڪ ڇا نہ ڪيو گوتم جي پيار صدقي! مان وري وري پيو پاڻ کان پڇان: تہ هِن وقت هندستان کي ضرورت آهي ڇا جي؟ هِن وقت هندستان پڳل آهي! سڪول ڪاليج ڪيترا، يونيورسٽيون ڪيتريون، پر روشني ڪٿي!روشنيءَ بنان دنيا وچي ٿي وڏيڪ وڏيڪ اونده ۾ ڪرندي. سچي وديا اَچي ٿي همدرديءَ مان ۽ همدردي اَچي ٿي سمجهہ مان- اشوڪ پنهنجي جيون سڦل ڪئي گوتم جي سکيا پکيڙڻ ۾- گوتم سمجهہ تي زور ڏنو:- Right understanding.

مونکي ڪهڙو حق آهي جو مان هندستان مان اَچي اوهان سان گوتم ٻڌ بابت گفتگو ڪريان؟

ٻڌم شرڻم گڇامي!:-

ڪيترا سال ٿيا تہ مان ويس ٻڌ گيا ڏسڻ- مان ويس، تيرٿواسيءَ جي پاوَ ۾! اُتي پهتس، مون ڇا ڏٺو؟ ٻوڏي وڻ! اُن وڻ هيٺ گوتم ٻڌ گيان ورتو! اُن وقت ڪيترائي تيرٿواسي آيا هئا جدا جدا هنڌن مان- منتر پئي اُچاريائون، نيپال ۽ چين

(۲)

گوتم جو گيان*

مونکي خوشي آهي ته هن موقعي تي مان اوهانکي ملان ٿو ۽ مونکي خوشي آهي ته اوهان سڀاپتيءَ جي ڪرسيءَ ۾ اُن بزرگ کي وهاريو آهي جو منهنجو مانور متر آهي ۽ جنهن کي ويهه سال اڳي مان برلن شهر ۾ ڌرمي ڪانفرنس تي ڏٺيو هوس. دل جي مندر مان ڪي پشپ ڪٺي آيو آهيان ۽ گوتم جي ڪمل چرنن ۾ رکان ٿو:-

اشوڪ راجا جا درشن:-

گوتم جنم ورتو ڀارت رشي ڀوميءَ ۾. هندستان ۾ هن جو جنم ٿيو ٻه هزار ورهيه اڳي ۽ اُتي هن تياڳ ۾ هن جو جنم ٿيو ٻه هزار ورهيه اڳي ۽ اُتي هن تياڳ ڪيو ۽ گيان پاتو. ڪجهه وقت ٿيو ته هڪ انگريز ودوان، جو سيلان ۾ به آيو، مسٽر ويلس (H.G.Wells): هن هڪ ليک لکيو جنهن ۾ دنيا جي ڇهن سڀ کان وڏن ماڻهن جي لسٽ جو ذڪر ڪيائين- تن ڇهن جي لسٽ ۾ ٻه نالا

*ٻڌ ائسوسيئيشن ۾ هيءَ ليڪچر ٿي- ۽ سڀاپتي، سر بئرن جيتيلڪ، وڏو وزير، ٿيو.

(Schopanhauer) هڪ وڏي پستڪ ۾ دنيا جي دک جو وستار ۾ ذڪر ڪري ٿو. گوتم ڏسي ٿو تہ هڪ هڪ جيو، اِنسان پراڻي آهہ دکہ ۾! ڏسو اندر! ڏسو ٻاهر ڪيڏو نہ دکہ آهہ، ڪيترا جيڪي ڏسڻ ۾ خوش اَچن ٿا، دنيا جي مزن ۾ مگهن، سي بہ دکي آهن، نہ سکي! ۽ دکي آهن پسوُن ۽ پکي! ڪيڏو نہ درد آهي دنيا ۾، دلين ۾ آهن درد جون دانهون! اِهو هو پهريون درشن گوتم جو!

(٢) ڪرم جو قانون:-

ٻيو درشن بہ مليو گوتم ٻڌ کي: مورت پنيان مورت آئي گوتم کي درشن ۾، جيئن سئنيما ۾ مورت پنيان مورت اَچي! پهرين مورت ڪيس آئي دنيا جي دکہ جي. ٻئي درشن ۾ گوتم ڏسي ٿو تہ سرشٽي آهي ٻڌل هڪ ڌاڳي ۾! جيڪي آهي سو حڪم ۾ ٻڌل آهي! جيڪي آهيو ۽ اوهان جو آهہ سو هڪ شڪتيءَ ۾ ٻڌل آهي! هڪ قانون جو درشن مليو گوتم کي. نيوٽن ”گرئويٽيشن“ جو قانون ڳولي ڪڍيو آهہ جنهنکي چون The law of Relativity. جو قانون گوتم ٻڌ ڪڍيو سو اِنهن کان مٿي: اُهو آهہ ڪرم جو قانون! اِنهيءَ تي دنيا ساري ٻَڌل آهہ!

(٣) دکہ جي دوا:-

• ٽيون درشن بہ مليو گوتم ٻڌ کي:- ڳوڙهو درشن مليو گ وتم کي. اُن کي مان ڪهڙو نالو ڏيان؟ گوتم کي درشن آيو تہ ڪيئن دکہ جي دوا وٺي دکہ کان آجو ٿجي. دنيا دکہ ۾ آهہ، اِها ڳالهہ سچي آهہ. جرمن فيلسوف شوپنهار کي بہ اِها پروڙ پيئي

جي ڪن ياترين چيو:- ”ٻڌم شرڻم گڇامي!“ ”ٻڌ جي شرڻ مون ورتي آهہ!“ مون نهاريو ٻڌ جي مورت ڏانهن- جڻ تہ گوتم اَچي مونسان مليو ۽ سندس چرنن ۾ ويهي مون اِهو منتر اُچاريو:- ”ٻڌم شرڻم گڇامي!“ ڌرمم شرڻم گڇامي!“ سنگم شرڻم گڇامي!“ اُن وقت کان وٺي اِهو منتر مان صبوح ۽ شام جي پوڄا ۾ اُچاريندو آهيان- پرارٿنا ۾ جيئن ٻين رشين جا منتر بہ چوندو آهيان تيئن هيءُ منتر بہ چوندو آهيان- ”ٻڌم شرڻم گ ڇامي!“ ڌرمم شرڻم گڇامي! سنگم شرڻم گڇامي.“ ”ٻڌ جي شرڻ مون ورتي آهہ، ڌرم جي شرڻ مون ورتي آهہ، ستسنگہ جي شرڻ مون ورتي آهي!“

ٻڌ جو پيغام ڪو ٻاهرين ڳالهين ۾ نہ آهي، نڪي ڪِي ڪو مت متانتر آهہ- مت متانتر پڳل ڪانا آهن! ٻڌ جو پيغام آهہ ”جيون درشن.“

ٻڌ جا ٽي درشن:-

(ا) دکہ جو درشن:-

رشين جي سکيا آهہ تہ اِنسان کي کپي تہ درشن جي تلاش ۾ وڃي! گوتم جو پيغام آهي ”درشن!“ ٻڌ سندر وڻ هيٺان ويٺو آهہ. هڪ عجيب وڻ هيٺ. ڇهن سالن جي تپشيا ڪانپوءِ ڪيس وڻ هيٺ درشن مليا ٽي- ٽن قسمن جو درشن (ا) درشن دکہ جو. دنيا دکہ ۾ آهہ- ڪيڏي نہ دکہ ۾! تنهنجي اَوهان کي اَجان خبر ڪانہ آهہ. ولائت جو فيلسوف شاپنهار

سندر پيغام! پيار ڪريو سڀني کي، پسن پکين کي، سڀني پراڻين کي! ويچار ڪريو تہ ڪنهن ماتا جا ڏهہ ٻار مري ويا آهن ۽ فقط هڪ ٻار بچيل آهي، ڪيئن نہ ماتا اُن کي قرب ۾ جهليندي! تئن گوتم چويٿو:- ”اُن ماتا جي قرب سان سڀني پراڻين کي پالنيو!“

اِنهيءَ سکيا جو جي ٿورو بہ اَپياس اَسين روز ڪريون تہ دنيا نئين ٿي پوي! گوتم سيکاريو تہ ”پرياٽ جو ڏيان ۾ سڀني کي پنهنجي همدردي ۽ پيار جون لهرون موڪليو!“ اِئين ڪري ڏسو! آزمائي ڏسو تہ ڪيئن ٿي اَوهان جي جيون نئين ٿئي!

آتش جا اُلا:-

اوهان وٽ ڪيترا سڪول آهن - ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا سڪول- ڇو نہ اوهين پنهنجن ٻالڪن کي سيکاريو تہ اُهي بہ روز پيار ۽ همدرديءَ جون لهرون سڀني پراڻين کي موڪلين- ڇوگرد نهاريو! ڇا ٿا ڏسو! اِڪ ڳالهہ مون کي ياد اَچي ٿي: گوتم ٻڌ هڪ موقعي تي ششن کي چويٿو:- ”اُٿو! جاڳو! اَوهان جي ڇوگرد آهن ٻاهيون!“ اَوهين بہ نهاريو! اوهان جا گهر آهن ٻاهين ۾! اَوهان جو سيلون آهہ ٻاهہ ۾! اِئين مان چوان تہ اوهين شايد مونتي ڪاوڙجو- سيلون ڪيئن آهہ ٻاهہ ۾؟ اوهان جي آس پاس آتش جا اُلا آهن- گوتم سمجهاڻي ڏني - ششن پڇو تہ اُهي اُلا ڪهڙا آهن؟ گوتم سمجهايو تہ اوهان جي ڇوگرد آهن اُلا ترشنائن جا! اُلا دکہ جا؛ ۽ گوتم وڌيڪ چيو تہ ”وجين اِنهن ترشنائن جا اُلا وسايو-“

تہ دنيا دکي آھہ، پر گوتم وانگر ڪين سمجهائين تہ جي دکہ آھہ تہ دکہ جي دوا بہ آھي! سا ڪھڙي؟ پاڻ کي جيتيو! ڪيئن؟ اِھو آھہ رستو ”ڌم“ جو! گوتم ڏسي تو تہ دکہ کان آجي ٿيڻ جو ڪھڙو رستو آھي. ترشنا ڪپيو! شيوا ڪريو! ديا جي روشني ٻاريو! اِنھيءَ درشن کانپوءِ گوتم چويٿو تہ ”مان ويندس دنيا جي ميدان ۾ ءِ دنيا کي ڏيندس پيغام،- دکہ درد جي دوا!“

راجا اَشوڪ:-

گوتم ٻڌ ٻوڏي وڻ ھيٺ وينو آھہ- ھينئر اُتي تو ٻاھر اَچي تو. سمجهي تو ماڻھو مورکہ آھن چو تہ عيش عشرت ۾ گ رفتار آھن. اِھا سکيا گھڻا نہ بہ سمجهن تہ بہ من کي تورا ملن جن جي دلين اَندر پيغام وڃي! اَشوڪ راجا گوتم جي سکيا سمجهي. گھڻي آزمودي کانپوءِ اَشوڪ ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو ءِ ساندہ ٣٠ سال اشوڪا ھيٺ ھندستان
صلح جي وايومنڊل ۾ رهيو. اشوڪ هو پيارو شش گوتم ٻڌ جو! اشوڪ گوتم جو پيغام پکيڙيو.

ماتا جو پيار:-

اِنھيءَ پيغام جي ھِن وقت بہ ڪيڏي نہ ضرورت آھہ! دکہ مان نکرڻ جو رستو! ڌرم جي ڳجهارت چا ۾ آھہ؟ ھِڪ موقعي تي گوتم چيو پنھنجن ششن کي ”جيئن ماتا پيار ڪري تي پنھنجي اُن ٻالڪ کي جو ڏھن ٻالڪن کانپوءِ ٻچي تو، تيئن اَوھين بہ پيار ڪريو انسان ذات کي، جيو جنتوءَ کي!“ ڪھڙو نہ

(٣)

سچي وديا*

پرنسيپال صاحب، ٽيچرس ۽ وديارٿيو!

اوهان وٽ اَچي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهه ۽ اوهانجي ڪاليج جو نالو آهه آنند ڪاليج. اِهو سندر نالو گوتم ٻڌ جي مکيه شش جو هو- اِنهيءَ شش ”آنند“ پنهنجي گروءَ گوتم جي ڪيڏي نه شيوا ڪئي! گوتم جي مسافريءَ تي آنند ساڻس گڏ هو. جٽ گوتم اُٽ آنند- گوتم جي چرنن ۾ آنند پيتو پيالو، گيان جو پيالو!

داغ دور ڪريو!

هڪ ڏينهن گوتم آنند کي چيئو:- ”بالڪ! ويهه ۽ ٻڌ! وڏو درجو اُنجو آهه جو داغ دور ڪري ٿو“- آنند پڇي ٿو:- ”گرديو! داغ دور ڪئن ٿين؟“ گوتم چوي ٿو:- ”وديا جا ڏيئا ٻاريو!“ مان اوهان کي اِهو چوڻ آيو آهيان:-”وديا جا ڏيئا ٻاريو!“ سچ پڇ تہ وديا ماتا جي گرڀ ۾ ئي شروع ٿئي ٿي- پهريون درجو آهه ٦ سالن تائين.

---

*هيءَ ليڪچر ڪولمبي جي ”آنند ڪاليج“ ۾ ڏني

اميد جو تارو:-

اَجان تائين دنيا آهہ دکہ ۾! اُهي ڪٿي آهن جي چون تہ اَسين ٻڌ جي سکيا تي هلنداسين ۽ اُلا وِسائينداسين؟ ڪٿي او! ڪٿي آهن اُهي جي ونن دکہ جي دوا؟ دنيا جي هن وقت حالت دکدائڪ آهي! ولايت وچي تي ڪِرندي- هن اونده اَنڌڪار ۾ ٻڌ جو پيغام، شري ايشا جو پيغام آهہ اُميد جو تارو!

سون پنڊار:-

راجڳڙه بيلي ۾ ٻڌ ڌيان ڪيو. اُت هڪ آستان آهہ جنهن کي چون ''سون پنڊار''- اُن بابت هڪ ڳالهہ آهي تہ ''سون پندرا سون سان پريل آهہ، پر ڪنهن کي طاقت نہ آهي تہ سون پنڊار ڪوئي کولي! لوڪن جو وشواس آهہ تہ گوتم ٻڌ، ديا جو اوتار وري ايندو ۽ راجڳڙه ۾ اَچي اِهو ''سون پنڊار'' کوليندو! سمورو سون غريبن ۾ ورهائيندو!''

نئين دنيا:-

اِها آکاڻي ٻڌي مون چيو ''اِهو سون پنڊار تہ اَسان مان هڪ هڪ جي دل اندر آهي! پر هن وقت دليون بند آهن! دليو کوليون! گيان جي ڪنجيءَ سان کوليو! ۽ اُهو سون، پيار جو سون وچي وراهيو، دکي دنيا جي شيوا ۾ خرچ ڪريو. تڏهن دنيا ڏيندي ساکي، گوتم ٻڌ جي ساکي!

دنيا نئين ٿيندي ۽ لوڪن جي جيون ۾ نئين جوت جاڳندي!

اکر گهڙي وڃن!

هڪ ڏينهن گوتم پنهنجي ٻڪن کي چيو:- ”سچ ڳالهايو! ڪروڌ کان پري رهو! گهرجائن کي ڪجهه نهڪجهه ڏيو!“ اِهي ٽي ڳڻ جي اوهين ونو تہ جيڪر پنهنجي جيون آباد ڪريو!

سچ ڳالهايو:-

سچ ڳالهايو! اَڳي پراچين زماني ۾ جڏهن شاگرد پڙهڻ لاءِ ”آشرم“ ۾ ويندو هو تہ گرو کيس چوندو هو ”سچ ڳالهاءِ!“ گوتم، چيو تہ ”ودیا جي جوت جڳايو!“ اِها جوت تڏهين جڳائي سگهندا جڏهن سچ ڳالهائيندا! سچ ڳالهايو! مان ٻِڪو، هڪ نوڪر سنتن ۽ مهاپرشن جو، گوتم جو شش اوهان کي هن وقت چوانٿو تہ:- ”سچ ڳالهايو!“

ڪروڌ روڪيو:-

(٢) ڪروڌ کان پري رهو! اِهو ٻيو ڳڻ. اوهان مان ڪي هڪ ڏينهن پنهنجن جماعتين جا شايد سيلون جا ليڊر ٿيندا. پوءِ اوهان کي خبر پوندي تہ هن ڳڻ جو ملهہ ڪيڏو نہ آهہ- ڪيترا دفعا ٻيا اوهان کي رد ڪد ڪندا، اوهان کي تنگ ڪندا: اُن وقت ڪروڌ کي روڪيو! صبر ۾ سهو! ڪيترا دفعا ماڻهو سمجهن ڪين؛ پر ليڊر کي کپي تہ صبر ۾ سڀ پِي وڃي- سچي وديا جي سونهن آهہ صبر ۽ نئڙت.

ويئي.
اِنهن ڇهن سالن ۾ ضروري آهه تہ ٻالڪ جي سرير جون
طاقتون ڪلن- هنن جي اکين ۽ ڪنن جي سنڀال لهو.
پوءِ ٻيو درجو- ٧ کان ١٣ سالن تائين- اِنهن سالن ۾
شاگردن کي ڪي ضروري ڳالهيون سکڻيون آهن. اُنهن
سالن ۾ شاگرد جي دلي طاقت کوليو. ڪين مورتون ڏيکاريو!
مان سمجهان ٿو تہ هڪ هڪ چڱي مورت آهي ماستر!
ڪيترو نہ ٿي سيکاري- هڪ هڪ سڪول جو هال مورتن
سان سينگاريو! ويرن سورمن جون مورتون، مهاپرشن جون
مورتون، جي شاگرد ڏسن تہ سندن طاقتون ڪلن- هن درجي
۾ شاگردن کي گيت وديا بہ سيکاريو ۽ باغ ۽ کيتيءَ جو ڪم
بہ سيکاريو.
(٣) ٽيون درجو آهہ ١٤ يا ١٥ ورهين کان وٺي
٢٠ ورهيہ اُنهن سالن ۾ ويچار شڪتي ۽ ارادي شڪتي
[Thought-Power & Will-Power] وڌائڻ ضروري آهہ- جيڪر
اوهين پنهنجا ويچار کوليو! Be Reflective! تنهنڪري سوال
پڇڻ سکو!
نيوٽن سوال پڇيو تہ ”صوف ڇو ڪريو؟“ ۽ سوال
پڇندي پڇندي، آڪرشن جي شڪتي ڳولي ڪڍيائين.
[The Law of Gravitation]
شل اوهان مان ڪن جي دلين اندر منهنجا ٿورا نماڻا

(۴)

راج وديا

دئيش ناھہ توکي؛ ٻڌ ھاڻ ڳوڙھو گيان،
ڪندو دور سڀ تنھنجو درد ۽ اڪلياڻ-

گيتا

شري ڪرشن بہ صلح جو ڪوڏيو ھو، صلح جو سورمو-مھاڀارت پڙھو! ڪيڏي نہ ڪوشش ڪيائين تہ صلح ٿئي! پر ڀارت جي قسمت ٻيءَ طرح ھئي- ھن صلح جي سورمي ڪي نہ ٻڌائون! پنھنجي پياري، ارجن، کي شري ڪرشن سمجھائي ٿو:-

”جنھن کي گيان کپي تنھن لئہ ضروري آھي تہ اندر مان دئيش ڪڍي! توکي، اَءِ ارجن! وير وروڌ ڪونھي! ريس ساڙ ڪونھي! تنھنڪري توکي مان گيان ٻڌايانٿو! لوڪ دکي آھن؛ اِھو دکہ دور ٿئي جڏھن گيان اَچي! گيان بنان ڪوئي نہ ٿئي سکي- ھي ارجن! توکي مان گيان ٿو سڻايان! اُھو گيان، ”ڳوڙھو گيان“ تنھنجو دکہ دور ڪندو! اِن گيان جو نالو آھي ”راج وديا“- ھٺ يوگي تہ گھڻيئي آھن جي ”ڪرامتون“ ڏيکارين، سرير سکائين، عجيب ڳالھيون ڪن! ڇي باھين مان لنگھنداسين، ڌوڙ مان ڌن

شيوا ڪريو:-

ڀين ڪي، جي تڪليف ۾ آهن، تن کي ٿورو گهڻو ڏيو- هن وقت اوهين پڙهو ٿا، امتحان ڏيندا ۽ جڏهن حياتيءَ جي وڏي ڪاليج ۾ گهرو تڏهن شل ڀين جي شيوا ۾ پاڻ کي خرچ ڪريو! سچي وديا آهه شيوا.

ديون جيان چمڪوا

گوتم هڪ موقعي تي چيو:- ”شل اَسين ديوتائن جيئان چمڪون!“

”اسين ڪيئن چمڪون ديون جيئان؟“ شش پڇن ٿا. تڏهن گوتم چيو:-”پيار ڏيوا پيار وٺوا سچي وديا جي سونهن ۾ چمڪوا“

''ڀڄڻ'' ڪافي نہ آهہ. ''اَڀياس'' ضروري آهہ- راج وديا لئہ شري ڪرشن ارجن کي چوي ٿو تہ مان توکي سولو رستو ٻڌايان ٿو. ''هٺ يوگہ'' جي اَڀياس ۾ بہ ڪيترا نہ سال لڳي ٿا وڃن! پر سولو رستو آهي يوگہ وديا جو! ارجن! راج يوگہ شرڌا ٻنان ڪنهن کي ڪين ملي! شرڌا هين راج وديا وٺي نٿو سگهي! پراچين ڀارت ۾ وديا جو بنياد ئي هو شرڌا! اَڄ ڪالهہ شاگرد وديا وٺڻ لاءِ ڪاليج ۾ پڙهن ٿا- ٽيچرس ڪٿي جن لاءِ شاگردن کي شرڌا اَڇي؟ جتي شرڌا ناهي اُتي سچي وديا نہ آهي! انگلستان جي هڪ مشهور شاعر، Tennyson چيو:-

"Let knowledge grow from more to more,
But more of reverence in us dwell,"

''ڀل وديا وڌيڪ وڌيڪ ٿئي،
پر شل شرڌا وڌيڪ اَسان ۾ رهي!''

اَڄ ڪالهہ اسين ڀيا سمجهون تہ اَسانجي وديا هن ۾آهي تہ اَسين ٿنوليون ڪريون! اِها ڪوڙي وديا! هي ارجن! بنيادي ڳالهہ ياد ڪر تہ جنهن کي شرڌا نہ آهي سو سکندو ڪين! راج وديا لئہ ضروري آهي دئيش وڃي ۽ شرڌا اَڇي.

ڪنداسين! اِهو گيان نہ آهي! سچو يوگہ تہ هٺ يوگہ نہ آهي؛ ”هٺ يوگہ“ تہ آهي ”جادو!“ پر ڪرشن ٻڌائي ٿو؛ گيان يوگہ! هي ارجن! راج يوگہ مان توکي ٻڌايان ٿو- جو آهہ سڀن ۾ وڏو، ڳُوڙهو. ”راج وديا“ اِها راج وديا آهہ ڳجهن جو ڳجهہ، Secret of Secrets- اهو ڳجهہ، مان تنهنجي لئہ پڌرو ٿو ڪريان ڇو تہ تو دئيش ڪڍيو آهہ! راج وديا ملي اُن کي جو پهرين پوتر ٿئي- اِها ”راج وديا“ آهہ پوتر اُتم ڌرم واسي! جنهن کي اِها وديا ملي سو اڌرم ۾ نٿو ڪِري! لوڀ بہ اَڌرم آهي. ڪيترا نہ هٺ يوگي آهن جي لوڀي آهن! ڌن ڦرين ٿا! سچو ڌرم لوڀ ۽ ڪام کان پري آهہ! ڪيترن هٺ يوگين اِسترين کي ڀنڀلايو آهي! چون لوڪن کي تہ ڏسو اسان جون ڪرامتون! اَسان کي آهن ”سڌيون!“

گرونانڪ ديو جن هٺ يوگين کي سمير پربت تي ملن ٿا، پروڙين ٿا تہ اُنهن کي آهہ مغروري! ”ڇي اَسين سِڌيون ڏيکاري سگهون ٿا!“ اُن وقت گرو جن اُنهن کي پربوڌ ڏين ٿا ”اَيمان ڇڏيو! سچي يوگہ آهي ڌرم واسي ٿيڻ!“

هي اَرجن! ”راج وديا“ سمجهڻ لئہ ضروري آهہ اَڀياس“. ”راج وديا“ ڪا اَکرن جي ڳالهہ ڪانهي! جو اَڀياسي نہ ٿو ٿيڻ چاهي تنهن کي يوگہ وديا ڪيئن ملي؟

ي مان شان وارا سڪي نہ آهن! سڪي ڪير؟ هيءَ اَتو
شاني: جو پنهنجي اَندر ويٺو ٻولي!
اَسان جي منن اَندر تہ وڪار تا وسن! تنهنڪري
سين سُکي نہ آهيون! سياڻو سو جنهن جي اَندر نام وسي!
ن جي تَن، سرير ۾ بہ نام وسي! اُن جي سرير مان پوتر
هرون اَچن! اَن جو سارو سيرير رمي رام ۾! نمي نام ۾!
شاسترن ۾ لکيل آهي تہ سنتن جو درشن ڪريو! سنتن
جي سنگہ ۾ رهڻ آهہ پوتر جل ۾ اِشنان ڪرڻ! نرمل نام
يو آهہ تن جي مُکہ ۾! سندن مکہ مان آسيس جا اَکر پيا
ڪرن- سندر اَکر پيا اَنهن پيارن مان اَچن- سڪي اِنسان
جون ٽي نشانيون:-
(١) من ۾ (٢) تن ۾، ۽ (٣) مکہ ۾ تن جي نام پيو
سي!
سچا سڪي سي جي هڪ ئي هڪ کي تا ڄاڻن! سنتن ۽
اپين ۾ هڪ، سين ڏرمن ۽ قومن ۾ هڪ، جي تڪليف
ڏين ۽ جي مدد ڪن تن سين ۾ ڏسن هڪ. تن کي وير
روڌ ناهي! تن لئہ نہ دشمن نہ ويري! تن کي ملي آهہ
اجهہ جي ٻيڙي! تن کي هِن دنيا ۽ هُن دنيا جي پروڙ
هي! روحاني دنيا جي آهہ تن کي پروڙ؛ تن کي آهہ
سمجهہ روحاني دنيا جي، روحاني دنيا سان تن جو آهہ
اتو، جن آهہ سچ سڃاتو!

(٥)

وڏڀاڳي*

وڏڀاڳي تي جن جڳ ماهہ،
سدا سدا هرکي گن ڳاءِ!
(شري سکمني صاحب)

گروجن چون ٿا تہ ”وڏڀاڳي ٿيو!“ ”وڏڀاڳي ڪيئن ٿيون؟ وڏڀاڳي اُهو ڪونهي جنهنکي وڏي ملڪيت آهي! ڀاڳہ تہ آهہ اُن جو کليو جو سدا سدا گوبند جا گن ڳائي ٿو. هيءَ جيون آهي ٿوري! ڪيڏي بہ ڪنهنجي حياتي هجي تہ بہ جلد پوري ٿئي ٿي- پوءِ روحاني دنيا ۾ اَسان جا هي سڪا نٿا هلن. روحاني دنيا ۾ هيءَ ملڪيت ڪنهن نہ ڪم جي! اُت ڪيئن وقت گذاريندا؟ ڪيئن؟ ڪريو تياري! گوبند جا گن ڳايو! جنهن جي اندر وسي ٿو نام، تنهن کي ٿي ملي روحاني دنيا ۾ وشرام!

سچو شاهوڪار ڪير آهہ؟ سو جو وٽي ٿو خزانو! رتن، رام رتن! هري ڪا هيرا جن مليا، تن ڪا بخت بلند کليا!

---

* نيوريلا پهاڙن تي هي اُپديش.

سُکي ڪير آهہ؟ ملڪيت وارا، موٽرن وارا، دنيا

(٦)

وديا مندر ۾*

منهنجون ٻالڪون!

مان اوهان وٽ آيو آهيان آسيس وٺڻ لئہ! گوتم ٻڌ کان ٥٠٠ سال پوءِ دنيا جي هڪ ٻئي ڀاڱي ۾ هڪ ٻيو آيو- اُن جو نالو شري اِيشا! مونکي پيارو آهي جيئن گوتم مونکي پيارو آهي- فلسطين ۾ هن پياري جو جنم ٿيو ۽ هڪ موقعي تي شري اِيشا پنهنجن ششن کي چيو:- ”ٻارَ مون وٽ ٻار اَچن ڇو تہ سچو سورڳہ ڌام آهہ اُنهن لاءِ جي آهن ٻالڪن ٻالڪين جهڙا!“

اوهين ننڍيون ٻالڪيون پربوءَ کي ويجهو آهيو- تنهنڪري مان آيو آهيان آسيس وٺڻ لئہ! مونکي آسيس ڪريو!

ننڍا ٻالڪ آهن ملڪ جو سچو خزانو! ڪيترا سال اڳي جرمني ڪريل هئي؛ ۽ جرمنيءَ جا ماڻهو دلگير ٿي پيا؛ ڪن چيو:- ”ڪيئن وري اسانجو ملڪ چڙهندو؟“ اُن وقت هڪ جاڳيو جنهن جو نالو اوهان نہ ٻڌو آهي؛ فشٽي (Fichte)- هيءُ هڪ مهاپرش ٿي گذريو آهي! هڪ ڪتاب هن لکيو آهي جنهن جو نالو آهي:-

---

* آنند ٻالڪ وديالیہ“ ۾ تقرير- اِهو ڪولمبي ۾ ڇوڪرين جو مشهور هاءِ سڪول آهہ. اُن جي پرنسيپال هڪ انگريز استري آهہ جنهن آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي ڊگري ورتي آهي.

جن جو من نام جي سنگ ۾ رهيو آهه، تن کي ئي
سچو گيان ملي ٿو! سو سياڻو جو تن ۾ ۽ من ۾ مکه ۾
نام رکي ٿو! اُن کي ”نرنجن“ جي پروڙ پوي ٿي-
”نرنجن ۾ ”سرمو“ آهه هيءَ مايا، هي سنسار سارو! اَسان
کي سچ جي ۽ نتيه وستوءَ جي پروڙ ڪانه ٿي پوي
تنهنڪري چئون ته هي بنگلا ماڙيون ملن ته سکي ٿيون!
پر سکي ٿيون ئي ڪين! سرمو سنسار پائي رهيو آهه! پريو
آهي سرمي کان مٿي- پريو پرميشور مايا کان مٿي- پر اُن
”نرنجن“ جي پروڙ اُن کي پوي جو گياني ٿئي! اَسانجي
اَکين ۾ ته آهه سرمو! سچو پريوءَ جو پيارو اُهو جنهن ۾
نام وسي ٿو! اُن کي نرمل درشن ملي ٿو.

هن بہ سڪول جاري ڪيو- اُن جو آدرش هو تہ ”اَچو تہ اَسين جيئون ٻالڪن لئہ!“ ”Let us live for the chlidren“ اوهان جي پيدي پرنسيپال ڪيئن نہ اوهان کي آسيس پيئي ڏئي ۽ آسيس پيئي وٺي! شل هي ٻالڪا وديالیہ وڏي وڏيڪ سڄي ڪولمبي ۾! ۽ گهر گهر ۾ جوت جاڳائي!

وڏن وديا ڏيندڙن جي قطار ۾ ٽيون نالو بہ آهہ- اوهان ٻڌو آهہ. مانٽيساري [Montessori]. هن وقت مانٽيساري دنيا ۾ پرسڌ آهہ- هن اِستريءَ وٽان هڪ خط مونکي پهتو جنهن ۾ هن ميران سڪول جي ٻالڪين کي آسيس موڪلي سمندن جي آپار. اهو ميران سڪول آهہ سنڌ ۾. اوهان جي سڪول تي نالو آهي ”آنند“ جو. آنند سنت، جو پنهنجي گروءَ گوتم ٻڌ جي سنگہ ۾ رهيو. گوتم کي آنند چيو:- ”گرديو! مونکي نہ ڇڏجو! مان اوهان سان هلندس جتي اوهين هلندا!“ اهڙو سپاڳو هو ”آنند“ جنهن جو نالو هن ٻالڪ وديالیہ تي پيو آهي. سنڌ جي سڪول تي نالو آهہ هڪ اِستريءَ جو، جا سنتياڻي ٿي- ”ميران“- اُن جون ڳالهيون ۽ گيت ٻڌايانو تہ اوهان جي اَکين ۾ پاڻي اَچي! شري ڪرشن جي پرم پڳتياڻي هئي؛ سک ۾ ۽ دکين جي درد ۾ تيس دل نماڻي! اُن جو نالو اُن سڪول تي پيو آهہ! ”ميران هاءِ سڪول“. اِنهيءَ سڪول لئہ مانٽيساريءَ آسيس موڪلي آهي. هن وڏو امتحان پاس ڪيو آهہ: هيءَ هئي اِٽليءَ ۾ پهرين ليڊي ڊاڪٽر! هڪ ڏينهن ٻالڪين کي ڏسي ٿي ۽ چوي ٿي:- ”مان پنهنجي

(Address to the German People)اُن ۾ هيءُ جرمن رشي
پنهنجا ويچار ظاهر ڪري ٿو ته ڪيئن ملڪ وري چڙهي
اِهو مهاپرش گشت تي نڪتو ته ڏسان ٻين ملڪن جي
حالت ڪهڙي آهي ۽ اُنهن مان سبق سکان- سئٽزرلنڊ
(Switzerland) ملڪ ۾ اَچي ٿو- ڏسي ٿو ته اُتي جا ماڻهو خوش
آهن. سبب ڇا؟ اهو سوال پاڻ کان پڇي ٿو. هڪ ڏينهن اُن ملڪ
جي هڪ سڪول ۾ وڃي ٿو- ڏسي ٿو ته سڪول جا ٻالڪ ٻالڪيون
سڀ خوش آهن- اُن سڪول جو پرنسيپال هو پيسٽلوزي
(Festalozzi) اُنهيءَ ماڻهوءَ سڪول جاري ڪيو. اُن سڪول ۾
ڪيترا ٻالڪ ۽ ڪيتريون ٻالڪيون: تن جي وچ ۾ هي ماستر وٺ
آهي! ڪهڙو نه عجيب ماڻهو آهي پيسٽلوزي! هنن جي وچ
ويٺو آهي، ڳالهيون پيو ٻڌائين ۽ ٻالڪ به پيا آکاڻيون ٻڌائين
ڪا ٽولي ٻالڪن جي ڪيئن رڌل آهي ته ڪا ڪيئن! سچو سڪول
پاڻئن ته گهر آهي، گهر جو پيار سڪول جي وايومنڊل ۾ آهي
اَسان جا ڪيترا سڪول ڄڻ ته آهن جيل! فشتي پيسٽلوزيءَ کان
پڇي ٿو ته اوهان هن سڪول ۾ اهڙو سندر وايومنڊل ڪئن آند
آهي؟ جواب مليس ٿو ته ”اسين ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي خوش
رکڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا!“

فشتي موٽي ٿو جرمنيءَ ۾ ۽ ٻڌائيٿو ته ”ٻالڪن کي سکي
رکڻ آهي ملڪ کي سکي رکڻ!“

مان اَڄ فقط هي چوڻ ٿو چاهيان:- ”سکي رهو!“ “Be happy!”
پيسٽلوزي کان پوءِ هڪ ٻيو مشهور ماڻهو آيو- اُن جو نالو فروبل

سوُچنا

پياري پاٺڪو،

اَڄڪلھ پني ۽ پرنٽنگ جا خرچ ۽ پڻ ٻيا خرچ ڪافي قدر وڌيل آهن. اِن ڪري ڪو ٻہ ڀاءُ يا ڀيڻ هن شيءِ ڪارڻ ۾، ڏونيشن جي روپ ۾، خوشيءَ سان پئسا موڪليندا تہ سويڪار ڪيا ويندا، پر اِن لاءِ ڪنھن بہ قسم جو ڪوبہ ٻنڌڻ ڪين آهي.

جنھن بہ گھر ۾ سنتن جي ٻاڻي پڙهجي ٿي، اُن گھر تي پريوءَ جي آسيس چمڪي ٿي ۽ واهگرو برڪت جا ڀنڊار ڀرپوُر ڪري ٿو. شل توهان تي ۽ گھر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ تي ۽ توهان جي ڪمن ڪارين تي دادل شاه جي آسيس چمڪي، چمڪندي رهي!

جيڪڏهن توهان جو چندو پورو ٿي چڪو هجي تہ ڪرپا ڪري نئون چندو موڪليندا.

مَني آرڊر يا ڊرافٽ هيٺين اَڊريس تي موڪليندا:

Sant Mala, Sadhu Vaswani Mission,
10, Sadhu Vaswani Path, Pune 411 001. (India)

چندي جا نوان اَگھہ هن ريت آهن:

For India
Yearly Subscription Rs. 30/-
For Four Years Rs. 100/-
Life Membership Rs. 500/-

For Foreign:
Yearly Subscription $10 USD
Life Membership $ 200 USD

Editor : Shri A.M. Vaswani (Phone: 40064447)
Published by: Sadhu Vaswani Mission
Owned by: Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9, Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune -1. ✆ : 26050755

جيون خرچ ڪنديس ٻالڪن ٻالڪين جي شيوا ۾!“ هيءَ اِستري
ڪيترو نه ڪمائي سگهي ها، ڪيترو نه ڏن ڪنو ڪري ها- پر
نه! هن چيو پاڻ کي:- ”مان ڪمائيندس ٻالڪن ٻالڪين جي
آسيس! اُنهن کي رکنديس سکي!“ ڊاڪٽر مانٽيساري هڪ هنڌ
چوي ٿي:- ”ٻالڪن ۾ هڪ لڪل طاقت آهي، ڪڏهن به اُنهيءَ
۾ دست اَندازي نه ڪريو؛ ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي پاڻ مرادو اُسرڻ
ڏيو!“

گوتم ٻڌ چيو:- ”شل سکي رهون!“

”May we be happy!“ اِهو گوتم جو منتر نه وساريو! اوهان
ڪڏهن پاڻ کان سوال پڇيو آهي ته ”وديالیه“ اکر جي معني ڇا
آهي؟ ”وديالیه آهي وديا جو مندر!“ اوهين آهيو وديا جي مندر
۾- پر وديا ڇا آهي؟

گوتم جڏهن پنهنجي تپسيا ڪري، گيان وٺي ڪاشيءَ ۾
موٽيو. تڏهن هڪ ٻانڀڻ پڇيس:- ”ٻڌايو ته وديا ڇا آهي؟“ تڏهن
گرديو چيو:- ”وديا آهي جوت! پيار جي جوت!“ شل اوهين پيار
جي جوت پنهنجي جيون ۾ وڏيڪ جاڳايو! پنهنجي دل ۾
پيار رکي مان اَوهان ٻالڪين اَڳيان سر جهڪايان ٿو ۽ آسيس
گهران ٿو. شل اوهين سنت آنند جي آسيس وٺو ۽ سکي رهو!

R.N.I.MAHSIN/2001/6085 PNCE/172/2009-2011

سنتن جي جيون چرتر تي
دادا واسواڻيءَ جا پستڪ

١. شري جپ صاحب اُپديش (ٽي ڀاڱا:٨٥٨ پيج)	١٠٠ رپيا
٢. نوُريءَ جي نهار: اَنجليءَ جي پڪار (پڪي جلد سان)	٤٠ رپيا
٣. شري سکمني صاحب (ارٿ واد) (پڪو جلد)	٣٠ رپيا
٤. شريمد ڀڳوت گيتا (پڪو جلد)	٢٥ رپيا
٥. شري جپ صاحب (ارٿ واد) پڪي جلد سان	٢٥ رپيا
٦. نوُرِي ٻاڻِي (پڪي جلد سان)	٣٠ رپيا
٧. دادا واسواڻِي: سندس شبدن ۾	٨٠ رپيا
٨. ڀارت جي نوئرماڻ جو منهنجي اَکين ۾ سپنو	١٠ رپيا
٩. موت: اننت جو دئار	١٠ رپيا
١٠. ٻگڙي بناني والا	١٠ رپيا
١١. حاضران حضور	١٠ رپيا
١٢. مکڙيون	١٥ رپيا
١٣. فقير فرانسز	١٠ رپيا
١٤. ڦرن فقير ويچارا، صورت لئہ سوين سکن ٿا	١٥ رپيا
١٥. ميران مستانِي	١٠ رپيا
١٦. نوُريءَ سان گفتگو	١٥ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻي لکپڙه لئہ لکو:-

Manager, Sant Mala,
10, Sadhu Vaswani Path, POONA - 411 001. (India).